# ترمیاترا



عبدالواحد آیسر

# ترم ياترا

عبدالواحد آريسر

پنيور اشاعت گهر

حيدرآباد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ڪتاب جا سڀئي حق ۽ واسطا مصنف وٽ محفوظ)

نالو: ترم ياترا

ليکڪ: عبدالواحد آريسر

ڇاپو: ٻيو

تعداد: هڪ هزار

ڇپيندڙ: نيو فيمس پرنٽنگ پريس حيدرآباد

ڇپجڻ جي تاريخ: مئي: ١٩٨٩ع

قيمت: ٽيهه روپيه

[ پنهور اشاعت گهر، حيدرآباد جو ٽيون ڪتاب ]

ڪتاب ملڻ جو هنڌ:

پنهور اشاعت گهر، حيدرآباد

١٩٨٩ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئي سنڌ — علمي ڪتبخانو — جيئي لطيف

جنهن پاءِ” پيٽ ڪي PDF ۾ ڪتاب گهرجن ته
واٽسپ تي يا فيسبوڪ انبوڪس ۾ رابطو ڪري ڪا
ب فيس ناهي بلڪل مفت ۾ مون وٽ موجود ليکڪن
جي ڪتابن جي فهرست هي آهي نوٽ”” 35 ڪان مٿي
ليکڪن ۽ انهن جا 300 ڪان مٿي ڪتابن جا نالا
انجان ناهيان لکي سگهيو

جي ايم سيد جا ڪتاب ”21“
مرزا قليچ بيگ جا ڪتاب”21“
امر جليل جا ڪتاب ”19“
شيخ اياز جا ڪتاب”20“
ايم ايچ پنهور جا ڪتاب ”5“
عبدالواحد آريسر جا ڪتاب ”19“
خليل جبران جا ڪتاب”6“
محمد ابراهيم جويو جا ڪتاب ”9“
ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جا ڪتاب”5“
يوسف سنڌي جا ڪتاب ”22“
رسول بخش پليجو جا ڪتاب ”10“
استاد بخاري جا ڪتاب ”12“
رڪ سنڌي جا ڪتاب ”9“
محمد پنيرو جا ڪتاب ”7“
شاھ جو رسالو ”8“ ليکڪن جو لکيل
الطاف شيخ جا ڪتاب ”64“

Tarique Hussain
(گمنام باغي)
Facebook
واٽسپ نمبر
03061618348
Whatsapp

# سائين جي - ايم - سيد
# جي نالي

جوڳيي جاڳايوس، سُتي هرس ننڊ ۾،
ٿڌاان پوءِ ٿيوس، پريان سندي پيچري.

”قاضي قادن“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪارو پاڻي" ۾ گذاريو. انهيءَ جيل ۾ سنڌ ۾ سخت گرمي (سا به اپر سنڌ جي) جــا مهينا مئي، جون، جولاءِ ۽ ڪجهه آگسٽ جا ڏينهن گذاريا. چئني طرفن کان ڪليل بئرڪ ۾ پنکي جي هوا لڳندي هئي ته ائين محسوس ٿيندو هو ته ڪو ڦهري هٿ ٿاندن جا ڇچ پري اسان تي اڇلائي رهيو آهي. سڄو ڏينهن اهو حشر رهندو هو. سج لهڻ کان پوءِ بئرڪ مان ٻاهر نڪرندا هئاسين، هن نيت سان ته ڪجهه هوا جو مزو وٺون. ڪجهه دوست راند ڪندا هئا ته آءٌ ۽ جيل جو دوست رسول بخش پليجو پسار ڪندا هئاسين، پـر ان وقت به پگهر نه سڪندو هو. البته ڪڏهن چنڊ جو چهرو ڏسڻ جو وجهه ملي ويندو هو، پر چنڊ جي روشني به خيرپور جي سخت گرميءَ ۾ بيمار محبوب جي مرڪ وانگر اداس لڳندي هئي. اهڙي ئي هڪ شام جـو راجا جاويد، پليجي سان وڙهڻ جي نيت سان ڪيس گهٽ وڌ ڳالهايو، جنهن تي مون مداخلت ڪندي راجا جاويد کي گاريون ڏيئي اسان جـي محفل مان اٿڻ تي مجبور ڪيو هو. حقيقت ۾ راجا جاويد سمجهيو ته پليجو اڪيلو آهي، جيئي سنڌ وارن سان سندس اختلاف آهي، ان ڪري اهـي سندس سات ڪونـه ڏيندا ۽ آءٌ مزي سان پليجي تي رعب رکندس، پر هن کي شايد اِها خبر نـه هئي تـه اسان جـا اختلاف سياسي هئا، ذاتي، خانداني يا قبائلي قسم جا نه هئا. پليجو هڪ سنڌي سياسي اڳواڻ قيدي جي حيثيت ۾ اسان جو پنهنجو حصو هو ۽ ان حصي جـي تـوهين اسان ڪيئن ٿـي برداشت ڪري سگهياسين! ساڳي حالت پليجي جي به هئي. هڪ ڀيري ڪراچي جيل ۾ اسان جـي ڪنهن ساٿيءَ سـان جيل جو سپرنٽينڊنٽ گستاخيءَ سان پيش آيو ته پليجو جيل سپرنٽينڊنٽ تي ڪاوڙجي پيو. جيل جو عملدار حيرت مـان پليجي کي ڏسي چوڻ لـڳو ته تنهنجو هن سان ڪهڙو واسطو. هي ته جيئي سنڌ جو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو ”ابو ڪٿان هين؟ پريشان ڪاشف“ پليجي جو چوڻ هو ته اها پناهگير پريس جيڪا هڪڙي چوڪري کي ايڊي پبلسٽي ڏيئي رهي آهي، تنهن کي اسين سنڌي سياسي قيدي ياد ئي نه آهيون.

١٨- سيپٽمبر ١٩٧٧ع جي شام جو آءٌ آزاد ٿيس. رات پهرئين هئي جنهن ۾ کليل فضا ۽ چانڊوڪي ڏٺم، فجر جو بانگي جي بانگ تي منهنجي اک کلي، طبيعت ۾ سڪون هو. سڌو مسجد جو رخ رکيم. حيدرآباد ضلعي جي سحر انگيز نسيم سحريءَ ۾ آزاديءَ (جيل مان) جي انهن پـَـن رڪعتن جيڪا لذت ڏني، جيڪو سرور ۽ سڪون بخشيو سو زندگيءَ ۾ ڪنهن به عبادت مان نه مليو آهي.

هيءَ ڊائري اهڙي ماحول جي ابتدائي ذهن جون تکيون منيون يادگيريون آهن. پوءِ ماحول ۾ هل چل ۽ تڪڙ ڏين تبديلين جي ڪري وڏيڪ ڊائري لکي نه سگهيس ۽ ڪن صفحن تي تاريخ هيٺ وسري ويئي اٿم. ڪن شخصيتن جي باري ۾ اڻ پوري معلومات اچي ويئي آهي ته ڪن جي باري ۾ ڪٿي لهجو سخت ٿي ويو اٿم. اهو سڀ ان ماحول جو اثر آهي ۽ آءٌ سمجهان ٿو ته هن وقت هي ڊائري ايتري اهم به نه آهي، پوءِ به ماضيءَ جي زندان خاني جي سوچ جي هڪ جهلڪ ضرور آهي ان ڪري ڇاپي هيٺ اچي رهي آهي.

آءٌ معذرت ڪريان ٿو انهن سيني کان جن جي هنن صفحن ذريعي جيڪڏهن دل آزاري ٿئي ٿي.

عبدالواحد آريسر

٩- جنوري ١٩٨٥ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وجي، اڳ ۾ به پڙهو اٿم ته شاعري پيغمبري جو حصو آهي
۽ پيغمبرن کي پنهنجي آئنده حالتن جي خبر پوڻ ٿي گهرجي.

* * *

اياز پنهنجي ڊائري ۾ هڪ اسپيني شاعر لورڪا ۽ ٻـن
روسي شاعرن ارمنتوف ۽ مائڪووسڪيءَ جون اڳڪٿيون نقل
ڪندي لکيو آهي ته "شاعر زندگي جي رفتار جو جذباتي سونهون
هوندو آهي ۽ پنهنجي مبهم انداز ۾ تاريخ جا اهم موڙ سياستدان
کان اڳ ڏسي سگهندو آهي." پنهنجي نظريي جـي ثبوت ۾
لورڪا ۽ ارمنتوف جي پنهنجي موت جي باري ۾ اڳڪٿيون
۽ مالڪووسڪيءَ جي روسي انقلاب جي باري ۾ پيشنگوئي
نقل ڪئي اٿس. آءٌ سمجهان ٿو ته هر شاعر ته نه، پـر ڪي
ڪي شاعر واقعي سياستدان کان وڌيڪ دوربين ٿين ٿا. پري
وڃڻ جي ضرورت ڪانهي لطيف جون به سٽون آهن.

"معلم ماڳ نه اڳئين فرنگي منجهه ڦريا،
ملاح تنهن جي مڪڙي، اچي چور چڙهيا."

انهن ٻن سٽن ۾ اهو ڪجهه آهي، جنهن کي ڏسي لطيف
جو روح رڙي اٿيو. هن ٻر صغير ۾ انگريزن، فرينچن ۽ ڊچن
جي چرپر کي ڏسي، ننڍي ڪنڊ جي اڳتي هلي بيهندڙ سياست
۽ تاريخي ڦيرين گهيرين کي حقيقي روپ ۾ ڏسي، اڳ ۾ئي
سنڌ تي ست سمنڊ پار کان ايندڙ چورن جي چڙهڻ جو اونـو
ظاهر ڪري ڇڏيو. ليڪن ملاح کي مڪڙي کان وڌيڪ وکر
جو فڪر هو. ڇا لطيف جي انهيءَ دوربيني جو مثال، ان وقت
جي پيشه ور سياستدانن ۽ حڪمرانن ۾ ملي سگهيو ٿي؟ باقي
هر شاعر نه لطيف آهي، نه لورڪا، نه ارمنتوف آهي ۽ نه وري
مائڪووسڪي ٻر صغير جي ورهاڱي وقت، ان جي اڳتي هلي
بيهندڙ حالت جي باري ۾ ڪنهن شاعر نه پر هڪ سياستدان
اڳڪٿي ڪئي هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روشن هليو، ان بنياد تي منهنجو جواب به اهوئي آهي جيڪو غفار خان جو هو.

(هڪ خط)

دوست ياءُ مير صاحب -

وقت ٢ وڳين رات جو

٩-٦-١٩٤٦ع

جيئي سندا!

توهان جي گرفتاري جو ٻڌي، ڏاڍو افسوس ٿيو هوم. هڪڙي تاريخ تي ڪن دوستن ٻڌايو ته توهان کي ڪلفٽن ٿاڻي ۾ ٽن مهينن جي ڊٽينشن تي رکيو اٿن. انهيءَ خبر پوڻ کان اڳ ۾ اسان کي گمان هو ته توهان کي ڪراچي جيل ۾ رکندا.

اڄ ماندل شر جا ٻه دوست سکر مان آيا آهن، تن ٻڌايو ته توهان کي سکر جيل جي سي ڪلاس ۾ رکيو اٿن. سکر جي سي ڪلاس جو ٻڌي ويتر ڏک ٿيو آهي.

انسان پاڻ جنهن حالت ۾ هوندو آهي تنهن جي ڪيس پوري پروڙ هجي يا نه، پر پنهن ساٿين ۽ دوستن جي تڪليف ۽ مصيبت جو ٻڌي منهنجي دل جو جهونا ڳڙهه جهڙي پوندو آهي ۽ منهنجو دماغ هن ظالمانه ۽ غاصبانه نظام جي بدترين شڪل ۽ صورت خلاف ٺهڪڻ لڳندو آهي. هن سنسار ۾ چند ماڻهو ئي ته اهڙا آهن. منهنجي لاءِ، جن کي آءٌ پنهنجو چئي سگهان ٿو. اوهان سان جيڪو رشتو آهي، سو ساٿي رفيق ۽ دوست کان مٿي آهي. اسان جي وچ ۾ جيڪو تعلق، جيڪو رشتو ۽ جيڪو ڳانڍاپو آهي، تنهنجي صحيح مفهوم ادا ڪرڻ لاءِ شايد دنيا جي زبانن ۾ ڪو لفظ استعمال ئي نه ٿيو آهي.

ناھيان، ڇو ته آءُ صليب گھڙڻ وارو واڍو ناھيان. آءُ سنڌ کان ڪاٻه ٿمنا ڪونه ٿو رکان. مون کي سنڌ ايترو ڪجھه ڏنو آھي، جيڪو منھنجي زندگيءَ جي ميرانجھڙي شام ۾ ڏياريءَ جو ڏيو بڻجي ويندو. سنڌ جي ماڻھن جيترو ڪجھه مون کي ڏنو آھي، اھي قيمتي گل، آءُ پنھنجي ڪفن جي ٽانڪن ۾ سبي، شايد قبر ۾ آرام جي ننڊ سمھي سگھندس. سنڌ انتھائي غيرت مند آھي، ھوءَ ڪنھن جو به قرض پاڻ تي رھڻ برداشت نه ڪندي، سڀ ڪجھه موٽائيندي رھندي ۽ موٽائيندي رھي آھي!

## ٢٦ جون ١٩٧٦ع:

اڄ صبح جو منشي، حسن ناصر واري انب جي وڻ جي ھنيان ويھي، ڪو شعر لکي رھيو ھو. آءُ ۽ راجا، وارڊ جي سامھين وڏي نم جي ھيٺان ويھي، سنڌ يونيورسٽي ۾ ٿيندڙ اليڪشن تي تبصرو ڪري رھيا ھئاسون. مون راجا کي چيو، ”سنڌ يونيورسٽي جي آرٽس فيڪلٽي اڄ پوري سنڌ جي نوجوانن جي دلين ۽ نگاھن جو مرڪز ھوندي. اڄ موڙن، جيپن ۽ بسن ۾ سنڌي نوجوان اليڪشن جو عھدو ماڻڻ لاءِ شھر مان پناھگير ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي ووٽ ڏيارڻ لاءِ ڪٺي ايندا ھوندا. سنڌي ماڻھن ته نه، پر سنڌ جي ھڪ مخصوص طبقي، عھدا ماڻڻ خاطر ھميشه ڌارين جي دلالي ۽ ناز برداري ڪري، سنڌ کي ڏچي ۾ وڌو آھي. اڄ سنڌ يونيورسٽي پناھگير ڇوڪرين جي ڀڙڪيدار لباسن جي ڪري مينا بازار لڳي پئي ھوندي ۽ عھدن جا بکيا سنڌي نوجوان انھن جي اڳيان پٺيان ائين نوس نوس ڪندا وتندا، جيئن قلوپطرا جو قرب حاصل ڪرڻ لاءِ وقت جا حڪمران ۽ درباري پنھنجا تخت ۽ تاج گھوريندا وتندا ھئا. سنڌ يونيورسٽي، جنھن لاءِ سنڌ جي ھڪڙي رجعت پسند شاعر، سردار علي شاه چيو ھو:

ڳالهه تي ڌيان ڏيڻ گهرجي ته جيل جو مقصد ڇا آهي. آيا انجو مقصد قيدين جي اصلاح آهي يا سزا ۽ عذاب؟

هن جيل ۾ رهي مون جيڪو تجربو حاصل ڪيو آهي. انهيءَ بنياد تي آءٌ چئي سگهان ٿو ته جيل انسان جي سيرت ۽ ڪردار کي بگاڙڻ جو سڀ کان وڏو ذريعو آهن. جيل هڪ اهڙو ڪوس گهر آهي. جتي انساني اخلاق ۽ ڪردار رات ڏينهن ڪسندا رهن ٿا، اهڙو لباس آهي، جن تي انساني عزت، غيرت ۽ وقار روزاني ڦاسي چڙهندا رهن ٿا. هتان بااخلاق انسان بداخلاق ٿي نڪرن ٿا. هتي ملڪ ۽ قوم جي بهترين انفرادي قوت ۽ صلاحيت جي صحت کي تباهه، برباد ۽ ويران ڪري، هڪ مسلسل ۽ مستقل بيمارين سان ڀرپور فوج تيار ڪئي وڃي ٿي، جيڪا پوري سماج ۽ معاشري لاءِ وبال جان بڻجي پوي ٿي.

آئون موضوع کان هٽي ويو آهيان، انجا ڪيترائي سبب آهن. آءُ جڏهن به هتي قيدين جي قسمت تي ڏنڊا وسندي ڏسندو آهيان، انوقت مونکي اهي امريڪي غلام ياد ايندا آهن، جيڪي يورپي قومن جي تجارتي جهازن کي هٿ سان هلائي ٿڪجي پوندا هئا، ان وقت مٿن يوروپي جلادن جا درا وسڻ شروع ٿيندا هئا. ڪٿي مون پڙهيو آهي ته جڏهن گهانا ۾ "نڪروما" برسراقتدار آيو، تڏهن هن انهي جهازي محلات کي سرڪاري دفتر بنايو، جنهن ۾ ڪڏهن گهانائي غلامن کي يورپ نيڻ لاءِ رسن ۾ جڪڙي هفتن جا هفتا اڇلايو ويندو هو. نڪروما پوري ملڪ ۾ پڙهو گهمايو ته روزاني عوام اچي ان جاءِ ۾ آزادي جا جشن ملهائي، جنهن ۾ سندن ابن ڏاڏن کي غلاميءَ جي حالت ۾ پوريو ويندو هو.

آءٌ به هن جيل ۾ ڪنهن نڪروما جو تصور ڪندو آهيان، جيڪو هن مظلوم مخلوق کي نجات ڏياري. جڏهن تاريخن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي ڪوڙا ڪامريڊ اهو چيو ٿا چون ته سوشلزم کان سواءِ، قوميت جو مسئلو حل ٿي ئي نه سگهندو. ان ڪري جو هنيءَ اندر ۾ اسلامي، سوچ ۾ ليگي رکو اصطلاحن جي استعمال ۾ ئي ڪميونسٽ آهن. پوري دنيا ۾ قومون سامراج جي گرفت مان نڪرنديون پييون وڃن.

آفريڪا جي چاليهه ملڪن ۾ انهن قومن جي تشڪيل ۽ آزادي ڪهڙي سوشلسٽ سماج جي قائم ٿيڻ کان پوءِ ٿي آهي؟ جنوبي ايشيا ۾ نيپال، برما، سيلون، بنگلديش ۽ ٻين ملڪن ۾ ڪهڙي سوشلزم اچي قومن کي نجات ڏياري آهي ۽ قومن جو مسئلو حل ڪيو آهي. هيءَ ڪوڙا پنهنجي سيني دعوائن جي باوجود پاڪستان کي هڪ قدرتي رياست سمجهن ٿا ان جي جنم جي پس منظر ۽ مقصد کي سمجهندي، پڙهندي ۽ سڃاڻندي به هو ان ۾ ڪابه ڦيرڦار ڪرڻ لاءِ تيار نه آهن. سندن سوچ جي سمجهڻ لاءِ آءٌ به واقعا لکان ٿو.

(١) اسانجي هتي اچڻ وقت هڪ پٺاڻ نوجوان امان الله خان اڍائي سالن کان تيرهن نمبر ۾ قيد هو. هن سان گڏ معراج محمد خان، طفيل عباس ۽ ٻيا ڪراچيءَ جا سڪه بند ڪميونسٽ رهي ويا هئا. امان الله مون کي ٻڌايو ته هڪ دفعي بحث پئي هليو ته پنجاب جنگ آزاديءَ دوران ڪهڙا هيرا پيدا ڪيا؟ مون چيو ته ڀڳت سنگهه، ان تي طفيل عباس ڪاوڙجي پيو ۽ چيائين ته يار ڪمال آهي توکي صرف ڀڳت سنگهه نظر آيو، مسلمان هيرا به ته ڪافي پيدا ٿيا آهن. امان الله جو چوڻ هو ته هڪ ڪميونسٽ جي واتان هندڪي، مسلمانڪي جو فرق ٻڌي مون کي هنن جي ذهنيت جو پتو پئجي ويو.

(٢) اسان وٽ هن وقت هڪ ڪوڙو ڪميونسٽ ۽ مزدور ليڊر مسعود ملڪ ٽن مهينن لاءِ نظربند آهي. اسان کيس ڪارو ملڪ ڪري سڏيندا آهيون ڇو ته هڪڙو ٻيو ملڪ

# قومي تحريڪ ۾ رڪاوٽون

## عبدالواحد آريسر جو اينديڙ ڪتاب

جنهن ۾ قومي تحريڪ جا بنياد، ارتقا ۽ مختصر تاريخ ڪان سواءِ قومي تحريڪ واري عمل دوران سامهون ايندڙ مشڪلاتن ۽ رڪاوٽن بابت تفصيلي بحث ڪرڻ کان پوءِ سنڌ جي مجهائيندڙ صورتحال ۾ قومي تحريڪ جو سفر ڪهڙي ريت روان دوان رکي سگهجي ٿو، انهن ۽ اهڙن ٻين مسئلن بابت هن ڪتاب ۾ تفصيلي بحث ڪري نوان رستا ۽ راهون ڏسيون ويون آهن.

قومي تحريڪ ۾ ڪم ڪندڙ هر ڪارڪن لاءِ هن ڪتاب جو مطالعو ڪرڻ انتهائي ضروري آهي.



اڄ دنيا جي اسرندڙ ملڪن جا اڳواڻ ڪوشش پيا ڪن ته انسان ڪي عالمي اداري ۾ باوقار حيثيت ملي- يعني اقوام متحده ۾ پنجن وڏين طاقتن جي وڏيرپ ختم ٿئي. عين ان وقت مهنجي ملڪ جو وڏيرو ۽ اقتدار پرست سياستدان ڪوشش ڪري رهيو آهي ته ڪيئن حد جي ٿاڻي جو ننڍو صوبيدار، پڳل پنهنج يا مير علي مراد خان جي دور جي ڪنهن ٽُٽل ڪرسيءَ تي ويهاري ته ڪرِ ماڻ ۽ شانَ سان موڇي وجهي هارين نارين تي رُعب رکان!

— (عبدالواحد آريسر جي جيل ڊائري ياڳو پيوءَ "تجذبن جا گل" مان ورتل ٽڪرار.)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙَهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنی e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪـو بـہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهـڙي دعويٰ ڪري ٿـو تـہ پَـڪَ ڄاڻو تـہ اُهو ڪُـوڙو آهـي. نـہ ئـي وري پَـنَ جي نالي ڪـي پئسا گڏ ڪـيا ويندا. جيـڪـڏهن ڪـو اهـڙي ڪـوشش ڪـري ٿـو تـہ پَـڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُـوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرح وڻـن جا پَـنَ ساوا، ڳاڙها، نيـرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهـن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهنـدڙ، بَرنـدڙ ۽ پڙهنـدڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بـہ ٿـي سگهن ٿـا. پيـن لفظن ۾ پَـنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نـہ آهي.

ڪـوشش اها هوندي تـہ پَـنَ جا سڀ ڪَـم ڪـار سَـهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪـن آهـي تـہ ڪـي ڪـم اُجرتـي بنيـادن تـي بہ ٿِيـن. اهـڙي حالت ۾ پَـنَ پاڻ هِڪَـبِئـي جـي مـدد ڪَــرڻ جــي اُصــولَ هيــٺ ڏي وَٺُ ڪنـدا ۽ غيرتجـارتي non-commercial رهنـدا. پَـنَـن پـاران ڪـتـابن ڪـي ڊِجيِـٽـائِيز digitize ڪرڻ جي عَمـلَ مـان ڪـو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪـرڻ جي ڪـوشش نہ ڪـئي ويندي.

ڪـتابن ڪي ڊِجيِٽائِيز ڪـرڻ کان پـو ٻيـو اهـم مرحلو وِرهـائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪـم ڪـرڻ وارن مـان جيـڪـڏهن ڪـو پيسا ڪـمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪـمائي، رُڳـو پَـنَـن سـان اُن جـو ڪـو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄ ڪلهہ نيلا پيلا آهن:
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........
... ... ... ...
هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽجاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٽي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

**توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.**

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)